# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 2013

# SINDH ACT NO.XIX OF 2013

# جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013

# THE JACOBABAD INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES ACT, 2013

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.اداري جو قيام

Establishment of the Institute

4.ملڪيت ۽ شخصيتون

Property and persons

5.اداري جا ڪم

Functions of the Institute

6.ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو

Institute open to all

7.سرپرست

Patron
8.اداري جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of the Institute
9.بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Board
10.بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board
11.اداري جو ڊائريڪٽر
Director of the Institute
12.ڊائريڪٽر جا اختيار
Powers of Director
13.اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council
14.اداري جي عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ شرط ۽ ضابطا
Appointments and Terms and Conditions of Officers and Staff of the Institute
15.سليڪشن بورڊ
Selection Board
16.فنڊ
Fund
17.فنڊز جمع ڪرڻ
Crediting of the funds
18.فنڊز جي سيڙپڪاري ۽ استعمال
Investment and Utilization of tthe Funds
19.اڪائونٽس جي مينٽيننس ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ

Maintenance of Accounts and Audit of Accounts

20.ساليانا رپورٽس ۽ وقتي ريٽرنس

Annual Reports and Periodical returns

21.رڪاوٽون هٽائڻ

Removal of difficulties

22.دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

23.ضمانت

Indemnity

24.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make Rules

25.ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make Regulations

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 2013

# SINDH ACT NO. XIX OF 2013

# جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013

# THE JACOBABAD INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES ACT, 2013

[19 مارچ 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سڏيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اداري جو قيام ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سڏيو ويندو ۽ ان سان جڙيل يا لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کنيا ويندا؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and

1.(1) هن ايڪٽ کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| commencement | |
| وصفون<br>Definitions | 2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:<br>(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب اداري جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛<br>(b) "بورڊ" مطلب اداري جو بورڊ آف گورنرز؛<br>(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛<br>(d) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو ڊائريڪٽر؛<br>(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛<br>(f) "ادارو" مطلب جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز؛<br>(g) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛<br>(h) "بيان ڪيل" مطلب ضابطن يا قاعدن موجب بيان ڪيل؛<br>(i) "ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل ضابطا ۽ قاعدا؛<br>(j) "سليڪشن بورڊ" مطلب اداري جو سليڪشن بورڊ؛ ۽<br>(k) "شاگرد" مطلب اداري جو شاگرد. |
| اداري جو قيام<br>Establishment of the Institute | 3.(1)ادارو جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سڏيو ويندو، جيڪو ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪب آباد کي ٻيهر جوڙڻ ۽ ٻيهر انتظام ڪرڻ ذريعي قائم ڪيو ويندو. |

(2)ادارو باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي حقيقي وارثي سميت عام مهر سان گڏ ٻنهي قسم جي متحرڪ يا غير متحرڪ ڪا ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ چاٽايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان مٿان ڪيس ٿي سگهندو.

**ملڪيت ۽ شخصيتون**
Property and persons

4.(1) سموريون ملڪيتون، حق ۽ فائدا ڪهڙي بہ قسم جا هجن جيڪي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪب آباد طرفان استعمال ڪيا ويا هجن، مزو ورتو ويو هجي، قبضي ۾ رکيا ويا هجن، مالڪي هيٺ هجن يا شامل هجن، يا ٽرسٽ ۾ رکيا ويا هجن ۽ سموريون ان تي قانوني طور ذميداريون اداري ڏانهن منتقل ڪيون وينديون.

(2) ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪب آباد ۾ ملازمت ڪندڙ سمورا ماڻهو جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ چاٽايل آهي، فوري طور تي هن ايڪٽ جي شروعات ڪان اڳ، جيستائين ڪجهہ ڪنهن قانون يا انهن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن جي متضاد نہ هجي، انهن جي ملازمت اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اداري ڏانهن منتقل ڪئي ويندي.

بشرطيڪ اهڙا شرط ۽ ضابطا انهن جي اداري ڏانهن ملازمت جي مستقلي ڪان اڳ ملندڙ فائدن ڪان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

(3) ڪو شخص جيڪو ذيلي دفعہ (2) تحت اداري ڏانهن بدلي ڪيو ويو هجي، بشمول ان شخص جي جنهن اداري ۾

رپورٽ نہ ڪيو هجي، اهو صحت ڪاتي ۾ ملازمت جاري رکي سگهي ٿو.

(4) ذيلي دفعہ (3) تحت آپشن هن ايڪٽ جي شروعات جي نوي ڏينهن اندر استعمال ڪيو ويندو ۽ حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت استعمال ڪيل آپشن حتمي هوندو.

(5)ذيلي دفعہ (4) تحت آپشن ملڻ تي حڪومت بدلي ڪري سگهي ٿي، يا جيئن معاملو هجي، لاڳاپيل شخص کي صحت ڪاتي ۾ملازمت جاري رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.

(6)ذيلي دفعہ (2) تحت بدلي ڪيل ماڻهن جي سلسلي ۾ ادارو:

(i) اهڙا سمورا انتظامي ۽ معاشي اختيار استعمال ڪندو جيڪي حڪومت يا ان جي ماتحت اٿارٽي طرفان استعمال لائق هيا؛

(ii)اهڙي ڪنهن شخص خلاف انتظامي ڪارروائي شروع ڪندو ۽ اهڙي شخص جو ڪيس وڌيڪ قدم لاءِ حڪومت ڏانهن اماڻيندو.

(7) ذيلي دفعہ (2) تحت بدلي ڪيل ماڻهو انهن جي ملازمت جي پوري مدي دوران انهن تي لاڳو ٿيڻ لائق قاعدن جي حساب سان بشمول اداري هيٺ ملازمت، پينشن ۽ پينشن جي تبديلي جي رقم جي حڪومت کان مراعتون وٺندا.

(8)ذيلي دفعہ (2) تحت بدلي ڪيل ماڻهن جا جنرل پروويڊنٽ فنڊ اثاثا انهن جي پروويڊنٽ فنڊ اڪائونٽ ۾ جمع ٿيڻ جاري رهندا.

بشرطيڪ اهڙي فنڊ مان عارضي ايڊوانسز اداري طرفان انهن تي لاڳو ٿيڻ لائق قاعدن موجب جاري ڪيا ويندا.

اداري جا ڪم
Functions of the Institute

5.اداري جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) علاج ڪرڻ ۽ ميڊيڪل سائنسز جي ميدان ۾ عام بيمارين جي چڪاس لاءِ ضروري جديد طبي سهولتون حاصل ڪرڻ؛
(ii)مختلف عام بيمارين جي چڪاس ۽ علاج لاءِ ميٿاڊالاجي کي ترقي ڏيارڻ ۽ ٽيڪنيڪ کي معياري بڻائڻ؛
(iii)ميڊيڪل سائنسز جي اصولن ۾ نرسنگ، پيراميڊڪس، ميڊڪس ۽ بايو ميڊڪس ۽ ريفريشر ڪورسز تي زور ڏيندي تدريسي، تربيتي ۽ ريفريشر ڪورسز ڪرائڻ؛
(iv)پوسٽ گريجوئيٽ تدريسي پروگرام ڪرائڻ جهڙوڪ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما، ماسٽر آف فلاسافي، ماسٽر آف سرجري ۽ ڊاڪتوريٽ آف ميڊيسنز؛
(v)ميڊيڪل سائنسز بيمارين جي قسم، انهن کان بچاءَ ۽ علاج جي ميدان ۾ تحقيق، سرويز تجربا ۽ مشاهدا جاري رکڻ ۽ همٿي وٺرائڻ؛
(vi)تحقيقي پيپرز، اسٽڊيز ۽ اهڙا ٻيا ڪم جيڪي

اداري ۾ مڪمل ڪيا ويا آهن يا ڪنهن ٻئي ساڳئي قسم جي اداري جي ايجنسي، مقامي يا پرڏيهي جي تعاون سان تيار ڪيا ويا آهن يا جيڪي ڪنهن ٻئي طريقي اداري لاءِ قيمتي آهن، اهي شايع ڪرائڻ؛

(vii)سيمينار ۽ ڪانفرنسز ڪرائڻ ۽ قومي ۽ عالمي ايجنسيز، تنظيمن، ادارن ۽ يونيورسٽيز سان اداري جي دائره اختيار ۾ ايندڙ سرگرمين جي سلسلي ۾ سهڪار ڪي هٿي وٺرائڻ؛ ۽

(viii)اهڙيون سموريون سرگرميون ڪرڻ يا ٻيا ڪم ۽ شيون ڪرڻ جيڪي اداري جا وڏيڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

**ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو**
**Institute open to all**

6. ادارو سڀني ماڻهن هر جنس جي، پوءِ اهي جنهن به مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ يا ڊوميسائيل سان تعلق رکندا هجن، انهن لاءِ کليل هوندو جيڪي اڪيڊميڪلي داخلا لاءِ اهل آهن، اداري طرفان آڇيل پڙهائي جي ڪورسز ۾ ۽ ڪو به شخص جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ ۽ ڊوميسائيل جي بنياد تي مراعتون ڏيڻ کان منع نه ڪيو ويندو.

**سرپرست**
**Patron**

7.(1)سنڌ جو گورنر اداري جو سرپرست هوندو.

(2) سرپرست پنهنجي ذاتي تحرڪ تي اداري جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ انسپيڪشن يا انڪوائري ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت ڪنهن شخص يا ماڻهن کي جاچ ڪرڻ يا هيٺين معاملن جي انسپيڪشن جاري رکڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

(a)ادارو، ان جون عمارتون، ليباريٽريز، لائبريريز ۽ ٻيون سهولتون؛

(b)ڪو ادارو، ڪاتو يا اداري طرفان سنڀاليل هاسٽل؛

(c)اداري جي مالي يا انساني وسيلن جي جهجهائپ؛

(d)تدريس، تحقيق، نصاب ۽ ٻيا اداري جا تعليمي معاملا؛ ۽

(e)اهڙا ٻيا معاملا جيڪي اداري سان لاڳاپيل هجن، جيڪي سندس طرفان بيان ڪيا ويا هجن.

(3)سرپرست ذيلي دفعه (2) تحت رپورٽ ملڻ تي پنهنجي دوري جي نتيجي جي سلسلي ۾ پنهنجا خيال بورڊ سان ونڊيندو ۽ بورڊ جا خيال ٻڌڻ کانپوءِ، بورڊ کي قدم کڻڻ لاءِ مشورو ڏيندو.

(4)بورڊ اهڙي وقت اندر جيئن سرپرست طرفان بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي قدم بابت ساڻس ڳالهائيندو، جيڪڏهن ڪو هجي، جيئن ڪنيو ويو هجي يا دوري جي نتيجي ۾ قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي.

(5)جتي بورڊ بيان ڪيل وقت اندر قدم نه کڻي يا ڪنيل قدم سرپرست لاءِ مطمئن ڪندڙ نه هجي ته سرپرست اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن موزون سمجهي ۽ چيئرمين اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

**اداري جي معاملن جو انتظام**
**Administration**

8.(1)اداري جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا معاملا بورڊ وٽ هوندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

of the affairs of the Institute

| | | |
|---|---|---|
| (i) | صحت وارو وزير يا سندس غير موجودگي ۾ حڪومت طرفان نامزد ڪيل شخص | چيئرمين |
| (ii) | ڪمشنر، لاڙڪاڻو ڊويزن | وائيس چيئرمين |
| (iii) | سيڪريٽري فنانس يا سندس نامزد ڪيل | ميمبر |
| (iv) | صحت وارو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل | ميمبر |
| (v) | پاڪستان ايئر فورس شهباز بيس جيڪب آباد جو نمائندو | ميمبر |
| (vi) | ڊپٽي ڪمشنر، جيڪب آباد | ميمبر |
| (vii) | جيڪب آباد جا ٻه ناميارا شهري وڏي وزير طرفان نامزد ڪيا ويندا | ميمبرز |
| (viii) | صوبائي اسيمبلي جو جيڪب آباد مان چونڊيل هڪ ميمبر وڏي وزير طرفان نامزد ڪيو ويندو | ميمبر |
| (ix) | مريضن جي ڀلائي لاءِ سوسائٽي جو صدر | ميمبر |
| (x) | پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| | سنڌ جو هڪ نامزد ڪيل | |
| (xi) | ڊائريڪٽر | ميمبر سيڪريٽري |

بشرطيڪ بورڊ ڪنهن شخص کي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2)بورڊ اهڙا ٻيا ماهر پاڻ سان جوڙي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

(3)ايڪس آفيشو کانسواءِ هڪ ميمبر بورڊ کي لکت ۾ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ ان کانپوءِ اهو عهدو نہ رکي سگهندو.

(4)ايڪس آفيشو ميمبر کانسواءِ هڪ ميمبر جيڪو بورڊ جي ٽن لڳاتار گڏجاڻين ۾ بنا ڪنهن جوڳي سبب جي غير حاضر رهي اهو عهدو نہ رکي سگهندو.

(5)جيستائين ميمبر عهدو نہ ڇڏي، ميمبر جي عهدي جو مدو سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ٽي سال هوندو.

(6)ميمبر طور عهدو رکڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪو شخص، جڏهن اهو عهدو ڇڏي ڏئي تہ اهو اهڙو ميمبر بہ نہ رهندو.

**بورڊ جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the Board**

9.(1) بورڊ اداري جي سلسلي ۾ انتظامي ۽ مالياتي اختيار استعمال ڪندو، جيئن ان جي بهتر ۽ موثر نموني ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري هجي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام

حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ بورڊ کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) ملڪيت، فنڊز ۽ اداري جا وسيلا رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اداري جي مقصد لاءِ رقم اڌاري وٺڻ يا گڏ ڪرڻ؛

(ii)اداري جي نگراني ڪرڻ ۽ سمورو ضابطو رکڻ؛

(iii)ساليانو تحقيقي پروگرام، ساليانی رپورٽس ۽ اداري جي اڪائونٽ جي آڊٽ اسٽيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(iv)اداري جي تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جا اهڙا عهدا پيدا ڪرڻ، معطل ڪرڻ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(v)اداري جي تدريسي ۽ غير تدريسي عملي کي مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ؛

(vi)پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، سينئر رجسٽرار شپس ۽ ليڪچرر شپس ۽ ٻيا عهدا جوڙڻ؛

(vii)ساليانا ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي هڪ ميجر هيڊ مان ٻئي ۾ فنڊز کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ ۽ آڊيٽرز مقرر ڪرڻ؛

(viii)اداري طرفان حاصل ڪيل سمورين رقمن ۽ خرچ ڪيل رقم جي اڪائونٽس جا ۽ اداري جي اثاثن ۽ رهتن جا جوڳي نموني بڪس رکڻ؛

(ix)پنهنجا رولز آف پروسيجر جوڙڻ؛

(x)قاعدا ۽ ضابطا جوڙڻ؛

(xi)هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽيز يا ذيلي ڪميٽيز مقرر ڪرڻ، جيئن ضروري سمجهي؛ ۽

(xii)سواءِ بجيٽري ڪاٽن جي منظوري جي پنهنجا ڪي بہ اختيار ڊائريڪٽر کي منتقل ڪرڻ.

**بورڊ جون گڏجاڻيون**
**Meetings of the Board**

10.(1) بورڊ چيئرمين سان مشاورت سان ڊائريڪٽر طرفان مقرر ڪيل تاريخن تي گهٽ ۾ گهٽ ٽن مهينن جي وقفي سان گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ بہ ڀيرا گڏجاڻي ڪندو؛

بشرطيڪ چيئرمين ڪنهن بہ وقت تي گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿو.

(2)چيئرمين گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(3)چيئرمين جي غير حاضري ۾، وائيس چيئرمين گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو ۽ ٻنهي جي غير حاضري جي صورت ۾ موجود ميمبرز طرفان مقرر ڪيل ميمبر صدارت ڪندو.

(4) گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي، پر ڪورم جي گهرج سبب ملتوي ڪيل گڏجاڻيءَ جي سلسلي ۾ ڪورم جي ضروري نہ هوندو.

(5)چيرمين کي ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل هوندو.

(6)ڊائريڪٽر بورڊ جو سيڪريٽري هوندي گڏجاڻي جا

منٽس رڪارڊ ڪندو جيڪي ايندڙ گڏجاڻيءَ جي تصديق لاءِ جمع ڪرايا ويندا.

**اداري جو ڊائريڪٽر**
**Director of the Institute**

11. ڊائريڪٽر بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ طرفان مقرر ڪيو ويندو، پاڪستان ۾ قانون موجب قائم ڪيل يونيورسٽي طرفان بيان ڪيل قابليت رکندو يا عالمي ساک رکندڙ يونيورسٽي مان قابليت رکندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سالن جو ميڊيڪل سائنسز ادارن جي مينيجمينٽ جي ميدان ۾ تجربو هوندو:

بشرطيڪ هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ ضلعي هيڊ ڪوارٽر جيڪب آباد جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو عهدو رکندڙ شخص اداري جو پهريون ڊائريڪٽر هوندو.

**ڊائريڪٽر جا اختيار**
**Powers of Director**

12.(1) ڊائريڪٽر اداري جو اڪيڊمڪ ۽ ايگزيڪيوٽو هيڊ هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قاعدن ۽ ضابطن موجب اداري جا معاملا سنڀاليندو ۽ ان کي هيٺيان اختيار ۽ ڪم حاصل هوندا:

(i) اداري جو رڪارڊ ۽ مهر تحويل ۾ رکڻ؛

(ii) اداري جي ملازمن يا اداري ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ماهوار پگهار ۽ الائونسز جي ادائگي ڪرڻ؛

(iii) طبي سار سنڀال فراهم ڪرڻ لاءِ اداري جي تعليمي ۽ تحقيقي سرگرمين جو ذميوار هئڻ ۽ اهو يقيني بڻائڻ ته هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن ۽ ضابطن تي ايمانداري سان عمل ڪيو پيو وڃي؛

(iv)مالي سال دوران ڪنهن اڻ ڄاڻايل آئٽم لاءِ ٻه لک (ٻه سئو هزار) رپين کان وڌيڪ رقم جاري ڪرڻ يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ، جنهن لاءِ بجيٽ فراهم نه ڪئي وئي هجي ۽ ان سلسلي ۾ بورڊ کي ان جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ جمع ڪرائڻ ته جيئن بجيٽ ڪاٽا ۽ سپليمينٽري بجيٽ ڪاٽا تيار ڪري سگهجن ۽ ساڳيا بورڊ سامهون منظوري لاءِ رکڻ؛

(v)بجيٽ ڪاٽا ۽ سپليمينٽري بجيٽ ڪاٽا تيار ڪرڻ ۽ ساڳيا بورڊ سامهون منظوري لاءِ رکڻ؛

(vi)مڪمل طور منظور ڪيل ۽ بااختيار بڻايل ڪنهن بجيٽ جي هيڊ مان بلز جي ادائگي منظور ڪرڻ؛

(vii)بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ ۽ چيئرمين سان مشاورت سان بورڊ ۽ ان جي ڪميٽيز جي گڏجاڻي جا نوٽيسز جاري ڪرڻ ۽ گڏجاڻي جا منٽس ۽ رڪارڊ ۽ ڪارروايون تيار ڪرڻ ۽ سنڀالڻ؛

(viii)بورڊ جي فيصلن تي عملدرآمد لاءِ قدم کڻڻ؛

(ix)اداري جي سموري خط و ڪتابت جاري رکڻ؛

(x)عارضي تدريسي ۽ غير تدريسي عهدا پيدا ڪرڻ ۽ پرڻ، اهڙي عرصي لاءِ جيڪو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(xi)بورڊ جي طرفان ڊيڊز ۽ دستاويزن کي انجام ڏيڻ؛ ۽

(xii)ٻيون ڪي ذميداريون سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي بورڊ طرفان سونپيون ويون هجن.

(2)ڊائريڪٽر اڳواٽ بورڊ جي منظوري کانسواءِ هر

ڪيس ۾ يا جيستائين مڪمل طور آئٽم وائيز بجيٽ ۾ منظور نہ ڪيو ويو هجي، سول ورڪس جي آئٽمز تي خرچ جي يا سامان يا گاڏين جي ڪيپيٽل خرچ جي اجازت نہ ڏيندو.

(3) ڊائريڪٽر بورڊ طرفان جوڙيل ڪاميٽي يا ذيلي ڪاميٽي جو ايڪس آفيشو ميمبر هوندو ۽ اهڙين ڪاميٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(4) جيڪڏهن ڊائريڪٽر مطمئن آهي تہ سليڪشن بورڊ يا اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ڪا ڪارروائي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب نہ آهي، تہ اهو معاملي کي بورڊ آڏو رپورٽ ڪري سگهي ٿو جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(5) ڊائريڪٽر پنهنجي اختيارن مان اهڙا اختيار منتقل ڪري سگهي ٿو جيڪي ان کي ڪنهن آفيسر يا اداري جي ڪاميٽي طرفان منتقل نہ ڪيا ويا هجن، اهڙين شرطن موجب جيئن اهو موزون سمجهي.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل**
**Academic Council**

13.(1) اداري کي هڪ اڪيڊمڪ ڪائونسل هوندي جيڪا اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي ان کي هن ايڪٽ يا ضابطن موجب بورڊ طرفان سونپيا ويا هجن.

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل ڊائريڪٽر تي مشتمل هوندي جيڪو چيئرمين هوندو ۽ اداري جا سمورا پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيل هڪ شاگرد نمائندو.

(3)اڪيڊمڪ ڪائونسل هيلٿ سائنسز سان لاڳاپيل اهڙن ٻين ماهرن کان مدد وٺي سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

(4)اڪيڊمڪ ڪائونسل جون گڏجاڻيون ايترو آزاداڻو ڪوٺايون وينديون جيترو ممڪن ٿي سگهي، پر سال ۾ چار دفعہ کان گهٽ نہ هونديون.

(5)گڏجاڻي جو ڪورم اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ڪل ميمبرز جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**اداري جي عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ شرط ۽ ضابطا**
**Appointments and Terms and Conditions of Officers and Staff of the Institute**

14.(1)ادارو پنهنجي ڪمن جي موثر ڪارڪردگي لاءِ اهڙا عملدار ۽ عملو مقرر ڪري سگهي ٿو اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل يا منسٽيريل قابليت ۽ تجربو هجي اهڙي طريقي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**سليڪشن بورڊ**
**Selection Board**

15.(1) ڊائريڪٽر ۽ اهڙن ٻين ميمبرن تي ٻڌل هڪ سليڪشن بورڊ هوندو جيئن بورڊ مقرر ڪري.

(2)ڊائريڪٽر سليڪشن بورڊ جو چيئرمين هوندو.

(3)سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل

ميمبرن جي هڪ ياڱي تي برابر هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندو.

(5)سليڪشن بورڊ جو ميمبر جيڪو ڪنهن عهدي تي مقرري ٿيڻ لاءِ اميدوار هجي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي جو حصو نہ ٿي سگهندو.

فنڊ
Fund

16.(1) اداري جو هڪ ڌار فنڊ هوندو، جنهن کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز فنڊ سڏيو ويندو.

(2)فنڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وفاقي، صوبائي ۽ مڪاني حڪومت مان حاصل ڪيل گرانٽس ۽ سبسڊي؛
(b)عطيا، تحفا ۽ ڊيپوزٽس؛
(c)سيڙپڪاري ۽ ڊپوزٽس مان ڪمائي؛
(d)اداري طرفان گڏ ڪيل قرض يا حاصل ڪيل امداد؛
(e)فيس، اداري جي اشاعتن تي رايلٽيز ۽ اداري طرفان ڏنل خدمتن تي چارجز؛ ۽
(f) پاڪستان يا پرڏيهي شاخ جي ڪنهن ڊونر ايجنسي کان حاصل ڪيل سموريون رقمون.

فنڊز جمع ڪرڻ
Crediting of the funds

17.فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون بورڊ طرفان منظوري ڏنل ڪنهن شيڊول بينڪ ۾ جمع ڪرايون وينديون.

| | |
|---|---|
| فنڊز جي سيڙپڪاري ۽ استعمال Investment and Utilization of tthe Funds | 18.بورڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظوري ڏنل ڪنهن ٻي سڪيورٽي ۾ پنهنجا فنڊز سيڙائي سگهي ٿو. |
| اڪائونٽس جي مينٽيننس ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ Maintenance of Accounts and Audit of Accounts | 19.(1) بورڊ اداري جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۾ اهڙيءَ ريت رکندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2)اڪائونٽس بورڊ طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان سال ۾ هڪ ڀيرو آڊٽ ڪيا ويندا.<br>(3)اڪائونٽس جو ساليانو بيان ۽ ان جي آڊٽ رپورٽ آڊيٽر طرفان بورڊ جي غور ڪرڻ لاءِ جمع ڪرائي ويندي تہ جيئن اهڙو قدم کڻي سگهجي, جيڪو ضروري هجي. |
| ساليانی رپورٽس ۽ وقتي ريٽرنس Annual Reports and Periodical returns | 20.ڊائريڪٽر بورڊ جي منظوري سان حڪومت کي اهڙا وقتي ريٽرنس, ساليانو اڪائونٽس بيان ۽ انگ اکر يا معلومات جمع ڪرائيندو, جيئن حڪومت طرفان طلب ڪيا وڃن. |
| رڪاوٽون هٽائڻ Removal of difficulties | 21.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀرپور عملدرآمد ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي, حڪومت چيئرمين جي سفارش تي يا ٻي صورت ۾, اهڙي رڪاوٽ کي هٽائڻ لاءِ |

موزون هدايت ڏئي سگهي ٿي.

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

22.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي مقصد يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن بہ عدالت کي ڪارروائي ڪرڻ، ڪو فيصلو جاري ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

23. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي مقصد يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، بورڊ يا ڪنهن شخص خلاف ڪو ڪيس يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make Rules

24.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power to make Regulations

25.حڪومت جي منظوري سان بورڊ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو جيڪي ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**